# سائنس



آزاديءَ جي فضا

## اندرين جهلڪ

- ليوٽرينو (ڪارن مان نڪرندڙ پراسرار ذرڙا)
- مسمريزم جو نئون استعمال
- جانور ۽ پکي (قرآن پاڪ ۽ اهلبيت سڳورن جي نظر ۾)
- حسين ترين گره "زحل"
- ڳوٺاڻي زندگيءَ ۽ بجليءَ جو حصو
- موجد ۽ ايجادون
- الڪيميا (جديد ڪيمسٽريءَ جي بنياد)
- توهانجا ڏند سلامت آهن؟
- ظاهري ۽ حقيقي موت
- ٽماٽا
- ٻارن جا صفحا



# ماهوار سائنس



ڊائريڪٽوريٽ آف ايجوڪيشن حيدرآباد ريجن طرفان تعليمي ادارن لاءِ منظور ڪيل


مئنيجنگ ايڊيٽر

ڊاڪٽر ممتاز علي قاضي

اسسٽنٽ ايڊيٽر

مرتضيٰ پيٽي - ظفر حسن

آفيس

" انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي "
يونيورسٽي آف سنڌ، حيدرآباد سنڌ
فون :- 22339

آرٽسٽ

محمد يوسف پٺاڻ

سال ...... [۲]
پرچو ...... [۸]

آگسٽ ۱۹۷۲ع

قيمت

ﻫﻲ ڪاپي ---- ۷۵ پئسا
ساليانو ---- ۹ رپيا

خط و ڪتابت جي ائڊريس

مضمونن لاءِ:- " ايڊيٽر " ماهنامه سائنس
ساليانه خريداري لاءِ:- " مئنيجر " ماهنامه سائنس



Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamsho. پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.




۲۵ سال اڳ ۱۴ - آگسٽ ۱۹۴۷ع تي آپريل سج جي پهرين سونهري ڪرڻ هڪ نئين آزاد ٿيل سر زمين کي سلام ڪيو ۽ انهيءَ ڏينهن ئي دنيا جي نقشي تي "مملڪت خدا داد جمهوريه پاڪستان" نالي هڪ عظيم ترين اسلامي ملڪ جو وجود ظاهر ٿيو. سوين سالن جي غلاميءَ مان آزادي حاصل ڪرڻ کانپوءِ اسانجي ملڪ کي نت نوان مسئلا ۽ مشڪلاتون آڏو اچڻ لڳيون. بد قسمتيءَ سان آزاديءَ جي ٿوريئي عرصي کانپوءِ پاڪستاني قوم هڪبئي پٺيان مصيبتن جو شڪار ٿيندي رهي پر هاڻي اسان خدا جي فضل سان جمهوريت جي دؤر ۾ پير پاتو آهي ۽ اها اميد پيدا ٿي چڪي آهي ته هڪ مسلمان قوم جي حيثيت ۾ اسين اتحاد ۽ اخوت جي قوت سان پنهنجين مشڪلاتن تي قابو پائي سگهنداسين.

دراصل مسلمان قومن جي عروج ۽ زوال جي سببن جو جائزو وٺڻ سان هڪ مکيه ۽ بنيادي سبب اهوئي معلوم ٿيندو ته "علم ۽ عمل" جي هٿيارن کي خيرباد ڪرڻ کانپوءِ ئي انهن قومن بلنديءَ کان پستيءَ ڏانهن رخ ڪيو. هاڻي سوال آهي ته پنهنجو وڃايل وقار ڪيئن بحال ڪجي؟ انلاءِ اسان اڳيان چين، جپان ۽ جرمنيءَ جا تازا مثال موجود آهن، جيڪي اسان کان وڌيڪ تباه حال ٿي چڪا هئا پر جڏهين اهي همت جو سندرو ٻڌي غور و فڪر ۽ عمل جي ميدان ۾ ٽپي پيا ته پندرهن ويهن سالن جي مختصر عرصي اندر سڀني مشڪلاتن کي لتاڙي مادي لحاظ کان خوشحالي ۽ آسودگيءَ جي منزل تائين پهچي ويا.

مذڪور ملڪن جي مثالن مان اها ڳالهه پڻ ثابت ٿئي ٿي ته مادي خوشحالي انوقت تائين حاصل ٿي نه سگهندي جيستائين سماجي، انجنيئري، زراعتي، طبي، ڪيميائي ۽ رياضي جهڙن جديد سائنسي علمن کي مجموعي طور تي فروغ نه ڏنو ويندو ۽ انهن کي عام ماڻهن تائين نه پهچايو ويندو. اسان مسلمانن لاءِ ته علم جي طلب هڪ ديني فرض به آهي. تنهنڪري اسان مان هرهڪ انفرادي طور تي اهو عزم ڪري ته قرآن حڪيم جي تعليمات مطابق سائنسي علمن جي روشنيءَ ۾ ملڪ کي تيزيءَ سان ترقي ڏيارينداسين. اهڙي جذبي سان عمل ڪرڻ کانپوءِ ئي اسين آزاديءَ جون حقيقي نعمتون ماڻي سگهنداسين.

وقت جي تقاضا کي آڏو رکندي اسانجي حڪومت به عام ماڻهن ۾ سائنسي شعور جاڳائڻ لاءِ هڪ عملي پروگرام رٿيو آهي. تعليمي نظام ۾ تبديليون ۽ سڌارا به ان سلسلي جون ڪڙيون آهن. نئين رٿابنديءَ جي عمل ۾ اچڻ سان سائنسي انقلاب جي راهه هموار ٿي ويندي. اميد ته اسانجو نئون نسل انهن سڌارن مان پورو پورو فائدو حاصل ڪندو.

## انتظامي تبديليون

ماهنامه "سائنس" جي انتظامي ڪارڪردگيءَ کي بهتر بنائڻ لاءِ بدلجندڙ حالتن مطابق اسانکي وقت بوقت ڪي تبديليون ڪرڻيون پون ٿيون. ان سلسلي ۾ مئنيجمينٽ ۽ ايڊيٽوريل اسٽاف جون آفيسون وري "انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي واقع اولڊ ڪيمپس حيدرآباد" ڏانهن ۾ منتقل ڪيون ويون آهن. قارئين ڪرام کي انهن تبديلين بابت ڪابه غلط فهمي نه ٿيڻ گهرجي ڇو ته هر نئين اداره جي شروعات ۾ وقتي حالتن جي مدنظر ٿوري گهڻي اٿل پٿل ٿيندي رهندي آهي. واسطيدار حلقن کي انهيءَ صورتحال جي نتيجي ۾ جيڪڏهين ڪا ذهني پريشاني ٿئي ته انلاءِ اسين معذرت جو اظهار ڪندي کين يقين ڏياريون ٿا ته اها ڦيرگهير سڀني واسطيدارن لاءِ بهرحال مفيد ثابت ٿيندي.



# نيوٽرينو (Nutrino) ← تارن مان نڪرندڙ پراسرار ذرڙا

گهڻن ماڻهن کي شايد خبر نہ هجي تہ اسانجي جسم جي مٿان بي شمار ننڍن ننڍن ذرڙن جي بارش ٿيندي رهي ٿي. ماهرن معلوم ڪيو آهي تہ اهي ذرڙا تارن ۾ جنم وٺن ٿا. هي ذرڙا جيتوڻيڪ اسان کي نظر نہ ٿا اچن پر هر وقت هيٺ لهندا رهندا آهن ۽ انهن ذرن جي ڪري علم فلڪ ۾ هڪ نئين شاخ جو اضافو ٿيو آهي. سائنسدانن انهن ذرن کي ”نيوٽرينو“ جو نالو ڏنو آهي.

جيئن تہ هنن ذرن جو تعلق ائٽم جي مرڪزي حصي سان هوندو آهي، تنهنڪري شروع ۾ ائين سمجهيو پئي ويو تہ زمين تي جيڪي ائٽمي تجربا ٿيندا رهن ٿا، هي ذرا شايد انهيءَ جي ڪري پيدا ٿيا هجن پر دنيا جا سائنسدان گهڻين ڪوشش ڪانپوءِ ان نتيجي تي پهتا آهن تہ اهي ذرا زمين تان نہ پر آسمان کان اچن ٿا. تارن ۾ بہ ائٽمي ڇڪتاڻ موجود هوندي آهي تنهنڪري ممڪن ٿي سگهي ٿو تہ تارا اهي ذرا خارج ڪندا هجن. ”نيوٽرينو“ ذرن، تارن کي پرکڻ لاءِ نوان طريقا موجود ڪري ڏنا آهن ۽ هاڻي سائنسدان اهو جلدي معلوم ڪري سگهندا تہ تارا ڪڏهين وجود ۾ آيا ۽ اهي ڪهڙيءَ طرح ارتقا جون منزلون طئہ ڪري رهيا آهن.

”نيوٽرينو“ ذرن کي ڪو بہ مقدار يا مادو نہ هجڻ جي برابر آهي ۽ نہ ئي انهن کي ڪا بہ چارج هوندي آهي. انڪري ئي سائنسدانن انهن ذرن کي ”نيوٽرينو“ جو نالو ڏنو آهي. انهن ذرن جي عجيب و غريب خصوصيتن جي ڪري سائنسدان هن نتيجي تي پهتا آهن تہ اهي اربن جي تعداد ۾ اسان جي جسم مان لنگهي وڃن ٿا پر انهن مان صرف هڪ ذرو اسان جي جسم ۾ جذب ٿيندو آهي. اهي ذرا سڄي ڪائنات ۾ سفر ڪري سگهن ٿا پر ڪنهن بہ جسم جو حصو

بڻجي نٿا سگهن . قدرت انهن ذرن ۾ اها خاصيت رکي آهي جو اهي سيني شين مان آسانيءَ سان لنگهي وڃن ٿا. انهيءَ ڪري سائنسدان اهو سمجهن ٿا ته انهن جي وسيلي مختلف شين جو جائزو وٺڻ ۾ مدد ملندي.

١٩٣١ع جي ڳالهه آهي ته هڪ سائنسدان کي، جنهن جو نالو "پولي" هو، مختلف شعاعن تي تجربا ڪندي شڪ ٿيو ته شعاعن جي ڪجهه طاقت ضايع ٿي وڃي ٿي ۽ اها طاقت ڪنهن ذري جي وسيلي اڏامي وڃي ٿي . اهو نيوٽرينو بابت پهريون تصور هو . ان تصور کي يقين ۾ بدلائڻ لاءِ سائنسدانن کي ٢٢ سال لڳي ويا. ١٩٥٣ع ۾ ٻن امريڪي سائنسدانن انهيءَ باري ۾ جاچ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. انهن سائنسدانن امريڪي ائٽمي طاقت ڪميشن جي هڪ ائٽمي پلانٽ ۾ پنهنجي ڪوشش جو آغاز ڪيو. اهي سائنسدان ڄاڻندا هئا ته نيوٽرينو ذرا هميشه هئڊروجن ائٽم جي مرڪز سان ٽڪرائيندا. ان لاءِ ائٽمي ري ايڪٽر جي ڀرسان پاڻيءَ جي هڪ ٽانڪي ٺهرائي ويئي ته جيئن هئڊروجن ائٽمن جي قلت محسوس نه ٿئي. ٽانڪيءَ مان هر سيڪنڊ ۾ ڪروڙن جي تعداد ۾ نيوٽرينو گذري رهيا هئا پر قابو هڪ به ٿي نه رهيو هو. ان ڳالهه مان اهو ثبوت ملي ويو ته نيوٽرينو واقعي موجود آهن .

امريڪا جي نيشنل فائونڊيشن جي سائنسدانن انهيءَ موضوع تي گهڻي جاچ کان پوءِ هڪ رپورٽ شايع ڪئي آهي، جنهن ۾ نيوٽرينو ذرن کي هڪ نئون موضوع قرار ڏيندي چيو ويو آهي ته نيوٽرينو ذرا تارن جي مرڪزي حصن ۾ پيدا ٿيندا آهن جيڪي گرم ترين حصا هوندا آهن ۽ اتان بغير ڪنهن تبديليءَ جي پوري تاري مان گذرندا اسان تائين پهچن ٿا. انهن ذرن جي مستقبل سان گهڻيون اميدون رکي سگهجن ٿيون. سائنسدانن جي خيال مطابق انهن ذرن جي وسيلي تارن جي باري ۾ تمام گهڻي ۽ مفيد معلومات حاصل ٿي سگهندي، خاص ڪري اهڙن تارن جي باري ۾ جيڪي ڦاٽندا رهن ٿا. سائنسدان هاڻي هڪ "نيوٽرينو دوربين" ٺاهڻ جي ڪوشش ۾ لڳل آهن. انهن سائنسدانن ۾ "ناسا" نالي خلائي اداري ۽ ڪن يونيورسٽين جا ماهر ۽ پروفيسر پڻ شريڪ آهن. جڏهن "نيوٽرينو دوربين" ايجاد ٿي ويندي تڏهن ته سائنس جي دنيا جو نقشو ئي بدلجي ويندو. هن وقت تائين اسين جن دوربينن سان تارن جو مطالعو ڪندا رهندا آهيون، اهي روشنيءَ جي شعاعن تي مدار رکن ٿيون. هي دوربينون پري جي جسمن کي وڏو ته ضرور ڪري ڏيکارين ٿيون پر اهي صرف انهيءَ ئي روشنيءَ تي مدار رکن ٿيون جيڪا تارن جي متاڇري کان اچي ٿي. سج کي جيڪڏهن "نيوٽرينو دوربين" سان ڏسبو ته اهو هڪ نقطي وانگر نظر ايندو پر اهو نقطو سج جي عام روشنيءَ کان چوڏهن دفعا وڌيڪ روشن ۽ چمڪدار نظر ايندو. اسان کي جيڪي تارا دوربين ذريعي به نظر ڪونه ٿا اچن، اهي "نيوٽرينو دوربين" ذريعي صاف نظر ايندا .

جيئن جيئن ڪي تارا پراڻا ٿيندا ويندا آهن، تيئن تيئن اهي ننڍا ٿيندا وڃن ٿا ۽ انهن مان نيوٽرينو اڳي کان به وڌيڪ تعداد ۾ خارج ٿيندا آهن. ان جي ڪري تارن جي طاقت ويندي آهي گهٽ ٿيندي ۽ هڪ ڏينهن اهو ايندو آهي جڏهن اهي تارا ڦاٽي پوندا آهن ۽ ڏينهن جو به انهن جي ڦاٽڻ ڪري آسمان ۾ روشني نظر ايندي آهي. سائنسدانن جو خيال آهي ته "نيوٽرينو دوربين" ڪائنات جي گهڻن ئي اسرارن تان پردو هٽائي سگهندي .

منظور حسين قاضي

# مسمريزم جو نئون استعمال

"مسمريزم" کي اسانجي ملڪ ۾ هڪ تماشي جي حيثيت حاصل آهي. عامل ۽ معمول جو اهو تماشو سوين ماڻهن لاءِ تفريح جو سامان مهيا ڪري ٿو. ڪن صورتن ۾ هن عمل جي مدد سان عقل حيران ڪندڙ ڪارناما پڻ ڏيکاريا ويندا آهن، جهڙوڪ مري ويلن جي روحن سان ملاقات ڪرائڻ، غيب جو حال معلوم ڪرڻ، غير متعلق ماڻهن جي ماضي، حال ۽ مستقبل تي روشني وجهڻ وغيره. ڪي ماڻهو هن فن ۾ چڱي خاصي مهارت رکندا آهن ۽ انهن جي ٿورڙي اشاري سان ئي معمول باقي دنيا کان بي تعلق ۽ بي خبر ٿي ويندو آهي ۽ رڳو عامل جي ئي ڳالهه ٻڌي يا سمجهي سگهندو آهي.

اهڙا تماشا گهڻن ئي ماڻهن ڏٺا هوندا پر شايد انهن کي اها خبر نه هجي ته هاڻي مسمريزم کي تماشي ۽ شعبده جي بدران هڪ سائنس جي شڪل ڏني پئي وڃي ۽ ان کان اهڙا ڪم ورتا پيا وڃن جنجو ڪجهه عرصو اڳ وهم گمان ئي نه هو. مثلا آپريشن وقت مريضن کي بيهوش ڪرڻ لاءِ دوائن جي بدران هاڻي مسمريزم کان ڪم ورتو پيو وڃي. ڪن مغربي ملڪن ۾ ته علاج جو اهو طريقو ايترو عام ٿي ويو آهي جو اتي ڊاڪٽرن کي مسمريزم جي باقاعده تعليم ڏني وڃي ٿي.

ان ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته مسمريزم جو تعلق گهڻو ڪري عامل ۽ معمول جي قوت ارادي سان ٿئي ٿو. جيتوڻيڪ اهو هڪ نفسياتي مسئلو آهي پر انجو تعلق هاڻي علم طب جي شعبه جراحيءَ سان به ٿي ويو آهي. سائنسدانن انهيءَ موضوع تي بيشمار تجربا ڪيا آهن جو ته انهن وٽ خيالي ڳالهين يا روايتن لاءِ ڪابه جڳهه نه آهي. عام طور تي ائين سمجهيو ويندو آهي ته عامل پنهنجي ارادي جي قوت سان معمول کي بيهوش ڪري ٿو ۽ پوءِ ان کان پنهنجي مرضيءَ موجب ڪم ڪرائي ٿو پر سائنسي تحقيقات ان خيال کي غلط ثابت ڪيو آهي. عامل جي اثر هيٺ اچي وڃڻ جي باوجود معمول پنهنجي آسپاس واري ماحول کان بي خبر نٿو رهي. جيڪڏهين انکي پنهنجي انفراديت آهي ۽ هو ٿورڙي ئي قوت ارادي جو مالڪ به آهي ته پوءِ عامل ان کان پنهنجي مرضيءَ مطابق ڪم نٿو وٺي سگهي.



**مسمريزم ڇا آهي؟** مسمريزم، دراصل عامل ۽ معمول جي وچ ۾ هڪ عارضي رشتو آهي جنهنڪي عامل پنهنجي حق ۾ وڌ کان وڌ استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ۽ ان مقصد لاءِ هو ماحول جو پورو پورو جائزو وٺي، اهڙا ٺهيل ٺڪيل الفاظ ڳالهائي ٿو جن سان معمول جو ڌيان پنهنجي آسپاس کان هٽي رڳو انتي ئي مرڪوز ٿي وڃيٿو. معمول رڳو انجا الفاظ ٻڌي ٿو، انهن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ۽ انتي عمل ڪريٿو. اهڙيءَ حالت ۾ عامل جا الفاظ هن لاءِ رڳو هڪ حڪم جي حيثيت رکندا آهن.

جڏهين عامل پنهنجي عمل ۾ ڪامياب ٿي ويندو آهي ۽ معمول تي پوري طرح ڇانئجي ويندو آهي تڏهين معمول رڳو سندس ئي ڳالهه سمجهي سگهندو آهي. انوقت عام ماڻهو هنکي بيهوش ٿيل سمجهندا آهن. حقيقت ۾ اهو عمل ارادي جي قوت ۽ يقين محڪم جو ئي نتيجو آهي، ٻيو ڪجهه به نه آهي. يقين هڪ تمام وڏي قوت آهي. جيڪڏهين معمول کي ڪي اهو يقين ڏياريو وڃي ته هو ٻوڙو آهي ته هنجي ٻڌڻ جي قوت عارضي طور تي ختم ٿي ويندي. اهڙيءَ ريت جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي يقين ڏياريو وڃي ته هنجي احساس جي قوت ختم ٿي چڪي آهي ته هو بيهوش ڪرڻ واري دوا جي استعمال کانسواءِ ئي وڏي ۾ وڏي آپريشن ڪرائي ڇڏيندو ۽ کيس ڪابه تڪليف محسوس نه ٿيندي. اهو نه جادو آهي نه منتر ۽ نه وري نظربندي.

**دلچسپ واقعا:-** محڪم يقين ۽ ارادي جي قوت جا تمام دلچسپ مثال ڏسڻ ۾ آيا آهن، جن مان ڪي ته اسانجي ملڪ ۾ به عام آهن. مثال طور عامل پنهنجي معمول کي اهو چوڻ شروع ڪري ٿو ته ”تنهنجو جسم تمام سخت ٿي ويو آهي ۽ انکي موڙڻ ناممڪن آهي. اهو ايترو سخت ٿي ويو آهي جو جيڪڏهين تنهنجي مٿان ٻه ٽي ماڻهو بيهاريا وڃن ته به تو کي خبر نه پوندي.“ پوءِ ڏسنديئي ڏسندي معمول جو جسم واقعي ايترو سخت ٿيو وڃي جو عامل ۽ انجا ساٿي انکي کڻي ٻن ڪرسين تي اهڙيءَ طرح رکن ٿا جو انجو مٿو هڪ ڪرسيءَ تي ۽ پير ٻيءَ ڪرسيءَ تي هوندا آهن. وچ وارو جسم ڪنهن به آڌار کانسواءِ ڪاٺ وانگر اڪڙيل هوندو آهي ۽ انتي جيڪڏهين هڪ ٻن ماڻهن جو بار به پوي تڏهين به اهو هيٺ نه جهڪندو.

ڪن ماڻهن شايد اهڙو تماشو اکين سان به ڏٺو هجي پر ان ۾ تعجب جي ڪابه ڳالهه نه آهي. انساني جسم جي ساخت ۽ قوت برداشت ڪجهه اهڙي آهي جو اهو جيڪڏهين سخت ٿي وڃي ته انتي ٽي يا ساڍا ٽي من وزن رکي سگهجي ٿو ۽ انکي ڪوبه لوڏو نٿو اچي سگهي. معمول اهو وزن رڳو انڪري برداشت ڪري وڃي ٿو جو هڪ ته انجي جسم ۾ قدرتي طرح اهڙي صلاحيت موجود هوندي آهي ۽ ٻيو ته هو اهو سڀڪجهه برداشت ڪرڻ لاءِ دل سان تيار رهي ٿو ڇو ته کيس اهو يقين ڏياريل هوندو آهي ته هو ائين ڪري سگهي ٿو. ٻين اکرن ۾ ائين چئجي ته هن ۾ اهو معجزو ڏيکارڻ جي صلاحيت قدرتي طور تي اڳيئي موجود هوندي آهي، عامل رڳو ان صلاحيت کي استعمال ڪندو آهي.

مسمريزم جي سلسلي ۾ اڪثر اهو سوال پڇيو ويندو آهي ته ڇا معمول کان هر سٺو ۽ خراب ڪم ڪرائي سگهجي ٿو. انجو جواب ”ها“ به آهي ۽ ”نه“ به- سڀڪجهه معمول جي قوت ارادي ۽ ان حد تي منحصر آهي جنهن حد تائين هو پنهنجي عامل کان متاثر ٿئي ٿو. جيڪڏهين ڪو عامل ڪنهن معمول کي ائين چوي ته ”تنهنجي سامهون جيڪو ماڻهو بيٺو آهي، انکي قتل ڪري ڇڏ.“ ته هو ٻين ماڻهن وانگر اهوئي جواب ڏيندو ته ”مان هنکي ڇو قتل ڪريان؟“ پر جيڪڏهين عامل ڪنهن خاص طريقي ۽ ترڪيب سان پنهنجي معمول کي ائين چوي ته ”تنهنجي اڳيان جيڪو شخص بيٺل آهي، اهو تمام خطرناڪ آهي ۽ جيڪڏهين تو انکي پهرين قتل نه ڪيو ته هو تو کي قتل ڪري ڇڏيندو.“ اهڙيءَ صورت ۾ ممڪن آهي ته معمول پنهجي عامل جي حڪم جي تعميل ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃي.

معمول کان سٺو يا خراب ڪم اهڙي وقت وٺي سگهجي ٿو جڏهين انجو سمورو ڌيان پنهنجي عامل تي مرڪوز هجي ۽ ٻي ڪنهن ٻي شيءِ ڏانهن سندس خيال نه هجي. ٻيو ته هنکي ان ڳالهه جو به پورو يقين هجي ته عامل ۾ حقيقتن کي عارضي طور تي تبديل ڪرڻ جي غير معمولي صلاحيت ۽ قوت آهي.

**مسمريزم جي تاريخ:-** ائين چوڻ غلط ٿيندو ته مسمريزم ڪو نئون علم يا نئين سائنس آهي. البت موجوده صدي ۾ ان کان نت نوان ڪم ضرور ورتا ويا آهن. قديم تاريخ شاهد آهي ته عامل ۽ معمول جو هي سلسلو مسيح کان ٽي هزار سال اڳ مصرين وٽ موجود هو. موجوده دور جي تاريخ مان پتو پوي ٿو ته ”مسمر“ نالي هڪ شخص ارڙهين صدي عيسويءَ ۾ قوت اراديءَ جي هن علم کي دنيا اڳيان پيش ڪيو. ڪجهه عرصي کانپوءِ هڪ انگريز سرجن ”ڊاڪٽر وارڊ“ انجي اثر هيٺ پنهنجي هڪ مريض جي ٽنگ جي آپريشن ڪئي ۽ اهو تجربو ڪامياب ثابت ٿيو.

انوقت تائين ايٿر يا ان جهڙي بيهوش ڪرڻ واري ٻي ڪا دوا دريافت ڪانه ٿي هئي. انهيءَ زماني ۾ هڪ سرجن پنهنجي انڪل ٽي سؤ کن مريض جون آپريشنون مسمريزم جي اثر هيٺ ڪيون. مطلب ته مسمريزم کي طبي مقصدن لاءِ اڄ کان تمام گهڻو عرصو اڳ به استعمال ڪيو ويندو هو پر جڏهين بيهوش ڪرڻ وارين دوائون ايجاد ٿيون تڏهين هي فن پس منظر ۾ هليو ويو ۽ مشرق ۾ انجي اهميت رڳو تفريح ۽ کيل تماشي تائين محدود رهجي وئي.

مغرب ۾ به مسمريزم کي ڪافي عرصي تائين جادو سمجهيو پئي ويو پر پوءِ اتي به هن علم جي اصليت آشڪار ٿي وئي ۽ هاڻي ته رڳو امريڪا ۾ ٽي هزارين ڊاڪٽر، ڏندن جو علاج ڪندڙ ۽ نفسيات جا ماهر پنهنجي مريضن جو علاج ڪرڻ لاءِ هن فن کان مدد وٺي رهيا آهن. امريڪي ميڊيڪل ائسوئيشن طرفان سيني ڊاڪٽرن ۽ سرجنن کي مسمريزم ذريعي پنهنجي مريضن جو علاج ڪرڻ جي باقاعده اجازت ڏني وئي آهي. اهڙيءَ طرح امريڪا جي عظيم ترين طبي جماعت به هن فن کي، جيڪو اڳ ۾ محض تماشي ۽ شعبده بازيءَ لاءِ مخصوص هو، طبي مقصدن لاءِ تسليم ڪري ڇڏيو آهي. (ترجمو)

تہ انهن کي ٻاهر اس ۾ سڪڻ لاءِ رکي ڇڏينديون آهن. سندن ننڍڙي جسم ۾ پنجئي حواس مڪمل طرح موجود آهن. پنهنجن گهرن ۾ ڪيترن ئي قسمن جا ڪمرا ٺاهينديون آهن. آرام ڪرڻ جا ڪمرا جدا، تہ وري ملاقات ۽ صلاح مشوري لاءِ جدا هوندا اٿن. ڪم جي ورهاست جي لحاظ کان ماکوڙين ۾ ڪجهہ طبقا ٿيندا آهن. راڻي، پورهيت ۽ سپاهي. پورهيتن جو تعداد وڏيڪ ٿيندو آهي.

ماکوڙين متعلق هيءَ اها مختصر معلومات آهي جيڪا ورهين جي ڪوشش کانپوءِ محققن کي حاصل ٿي آهي. ليڪن اهلبيت سڀورن سوين سال اڳ انهن حقيقتن کي بي پرده ڪيو آهي. حضرت علي ڪرم الله وجهہ توحيد جي بيان ۾ فرمايو: ”۽ ان ماکوڙيءَ طرف سندس جسم جي اختصار ۽ شڪل صورت جي لطافت ڏانهن نظر ڪيو. ايتري ننڍي جو سرسري نظر سان ڏسي سگهجي ۽ نہ ئي فڪر ۾ سمائي سگهجي ٿي. ڏسو تہ ڪيئن نہ زمين تي رڙهندي هلي ٿي ۽ پنهنجي رزق ڏانهن وڌي ٿي ۽ داڻي کي پنهنجي ٻر ڏانهن کڻي وڃي ٿي ۽ ان کي پنهنجي گهر ۾ مهيا ڪري ٿي ۽ اونهاري توڙي سياري لاءِ طاقت ۽ توانائي جي زماني ۾، عجز ۽ درماندگي جي ڏينهن لاءِ گڏ ڪري ٿي. سندس روزيءَ جو ذمو کنيو ويو آهي جيڪا هر حال ۾ کيس پهچندي رهي ٿي. خداوند ڪريم کانئس غافل نہ ٿو رهي، توڙي هيءَ خشڪ ۽ جميل پٿرن جي اندرئي چو نہ هجي. جيڪڏهن توهين سندس کاڌي جي نالين ۽ ان جي مٿانهن ۽ هيٺانهن حصن ۽ سندس پيٽ ڏانهن جهڪيل پاسرين جي ڪنارن ۽ سندس سٿي ۾ (ننڍين ننڍين) اکين ۽ ڪنن جي بناوت تي غور ۽ فڪر ڪندا تہ توهانکي سندس بناوت ۾ عجب لڳندو ۽ ان جي صفتن بيان ڪرڻ ۾ پڻ تعجب ٿيندو. بلند ۽ برتر آهي اهو جنهن ان کي سندس پيرن تي بيهاريو آهي ۽ ٿنڀن (عضون) تي سندس بنياد رکيو آهي. ان جي ٺاهڻ ۾ ڪوبہ ٺاهيندڙ سندس شريڪ نہ آهي.“

حضرت امام جعفر صادق انهيءَ حقيقت جي وڌيڪ وضاحت ڪندي فرمايو آهي تہ: ”انهن ماکوڙين کي ڏس تہ پنهنجي خوراڪ جمع ڪرڻ لاءِ ڪيئن گڏ ٿين ٿيون، تون ڏسندين تہ جڏهن ماکوڙيون ڪنهن داڻي کي پنهنجي سوراخ ۾ پهچائڻ گهرن ٿيون تہ ان طرح ٿين ٿيون جيئن ڪي ماڻهو گڏجي اناج کڻي ويندا آهن. بلڪ ماکوڙيءَ کي ان ۾ ايتري ڪوشش ۽ تندهي سان محنت ڪرڻي پوي ٿي جو ماڻهو بہ ايتري نہ ٿا ڪن. ڇا تون نہ ٿو ڏسين تہ داڻي کي کڻي وڃڻ ۾ هڪ ٻئي جي ڪيئن نہ مدد ڪن ٿيون. پوءِ داڻي کي پچڻ جو انديشو ڪن ٿيون تہ ان کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏين ٿيون تہ متان اٺين نہ ٿئي جو (اهي داڻا) ڦٽي پون ۽ سندن ڪم جا نہ رهن. ۽ جڏهن داڻن تائين آلاڻ پهچي ٿي تہ انهن کي ٻاهر ڪڍي پکيڙي ڇڏين ٿيون تہ جيئن سڪي وڃن. تنهن کانسواءِ هي ڪنهن اتاهين جاءِ تي پنهنجا ٻر ٺاهين ٿيون جيئن پاڻيءَ جو وهڪرو اتي پهچي کين غرق نہ ڪري. پر هي سڀ ڳالهيون بنا عقل ۽ فڪر جي فطريءَ قدرتي ڳالهيون آهن جيڪي انهن جي مصلحت لاءِ خداوند عالم جي مهرباني سان سندن خلقت ۾ داخل ڪيون ويون آهن.“

۲- ماکيءَ جي مک:- ”۽ اوهانجي رب ماکيءَ جي مک جي جيءَ ۾ هيءَ ڳالهہ وڌي تہ تون جبلن ۾ گهر ٺاهہ وڻن ۾ ۽ ماڻهو جي عمارتون ٺاهين ٿا. پوءِ هر قسم جي ڦلن مان (رس) چوسيندي رهہ، پوءِ پنهنجي رب جي رستن ۾ هل جي آسان آهن. انجي پيٽ مان پيئڻ جي شي نڪري ٿي جنهنجا رنگ مختلف ٿين ٿا، ان ۾ ماڻهن لاءِ شفا آهي، بيشڪ ان ۾ انهن ماڻهن لاءِ دليل آهن جي سوچين ٿا.“ [٦٨-٦٩ النحل]

قرآن مجيد جي هنن آيتن جي وضاحت حضرت امام جعفر صادق عليہ السلام ماکيءَ جي مک جو ذڪر ڪندي هن طرح ڪئي آهي:-

”ماکيءَ جي مک کي ڏس ۽ اجتماعي ڪوشش سان ماکي ۽ ان جي ڇهہ ڪُنڊن مانارن جي ٺاهڻ کي غور سان ڏسندين تہ تون ان جي باريڪ بين ذهانت ڏسندين. جڏهن تون سندس ڪم تي غور ڪندين تہ ان کي نهايت ئي عجيب ڏسندين. ان جي ٺاهيل شئي (ماکي) تمام عظيم آهي جيڪا ماڻهن لاءِ نهايت ڪارآمد شئي آهي. پر اها پاڻ تہ بلڪل بي عقل آهي جيڪا پنهنجي ذات کي ئي نہ ٿي سمجهي سگهي. پوءِ ان ۾ ان ڳالهہ جو صاف ۽ واضح دليل موجود آهي تہ ان جي بناوت ۽ صنعت جي صفت ان جي پنهنجي طرفان نہ آهي بلڪ هي سڀ حقيقتون ۽ ڪرشما ان ذات جا آهن جنهن کيس ان فطرت تي پيدا ڪيو آهي ۽ کيس ماڻهن لاءِ ان ڪم تي معمور ڪيو آهي.“

کي اسين قمري مهنن ۾ تقسيم نٿا ڪري سگهون ڇو ته زحل جا نو (۹) چنڊ آهن . انجي جسم ۾ اسانجي زمين جيتريون ست سؤ زمينون سمائجي سگهن ٿيون . انجو وزن اسانجي زمين جي وزن کان ۹۵ دفعا وڌيڪ آهي ۽ زمين جي ڀيٽ ۾ انجي ڪشش ثقل ايتري گهٽ آهي جو هڪ شخص جنهنجو زمين تي وزن ۲۰۰ پائونڊ آهي اهو زحل تي فقط ۱۳۰ پائونڊ وڃي ٿيندو.

سائنسدانن معلوم ڪيو آهي ته مشتريءَ وانگر زحل تي به گئسن ۽ ڪڪرن جون گهٽائون ڇانيل رهن ٿيون پر اهي اهڙيون خاموش آهن جو انهن ۾ ڪابه حرڪت نٿي ٿئي . انهن گهٽائن ۾ نڪا گجگوڙ ٿئي ۽ نه ئي ڪنوڻ يا برسات جا طوفان ظاهر ٿين ٿا. ائين چئجي ته هن گره تي موت جهڙي خاموشي ڇانيل آهي .

زحل جو سايو (Mass) گهڻو ڪري انجي مرڪز ۾ واقع آهي. انجو ثبوت هي آهي ته انجا قطبي حصا نمايان طور تي چٽيل آهن ۽ انهن جي محوري گردش خاصي تيز ٿئي ٿي، جنهنڪري انجي استوائي حصن جي گئس جا ڪڪر ٻاهرين پاسي ڏانهن گهڻو پکڙيل آهن. انهيءَ پکيڙ سبب گئسي ڪڪرن جو ته تمام سنهو ۽ شفاف ٿئي ٿو. ۱۹۲۰ع ۾ پهريون دفعو ماهرين جي مشاهدي ۾ اها ڳالهه آئي ته زحل جي جسم ۾ هڪ تارو نظر اچي رهيو آهي حالانڪ زحل جي سامهون اچڻ سبب ان تاري کي ڍڪجي وڃڻ کپي ها . تنهن کانسواءِ هڪ ٻي ڳالهه به مشاهدي ۾ آئي ته زحل جا هوائي ڪره مختلف رنگ ظاهر ڪن ٿا. مثال طور استوائي علائقن تي پيلو رنگ نمايان آهي ۽ قطبي علائقا گهاٽو سائو رنگ ظاهر ڪن ٿا .

جيئن ته زحل ، سج کان ۸۸ ڪروڙ ۶ لک ميل پري آهي تنهنڪري اهو تمام ٿڌو ۽ برف وانگر ڄميل آهي . هڪ اندازي مطابق انجي گرميءَ جو درجو ۱۵۵ ڊگريون سينٽي گريڊ ٿيندو . دوربين سان ڏسڻ سان انجي ظاهري سطح مشتريءَ سان ڪافي مشابهت رکي ٿي . انجي سطح تي اهڙا روشن ۽ ڪارا ليڪا ڏسڻ ۾ اچن ٿا جيڪي خط استوا جي متوازي آهن . هونءَ انجو مٿاڇرو غير هموار گهٽ آهي جنهنتي ڪارا ڪارا داغ به نظر اچن ٿا . دراصل اهي داغ آسماني جسمن جي محوري گردش معلوم ڪرڻ جو عمدو ذريعو آهن ، پر جيئن ته زحل جا داغ ڪجهه هلڪي رنگ جا آهن ، تنهنڪري انجي محوري گردشن جي باري ۾ اڃا ڪا صحيح معلومات حاصل نه ٿي سگهي آهي . هن گره جي سطح تي ڪڏهين اڇا داغ به نمودار ٿيندا رهن ٿا . ۱۷۹۴ع ۾ ”سروليم هرشل“ نالي علم فلڪ جي هڪ ماهر زحل جي سطح تي هڪ اهڙو اڇو داغ ڏٺو جيڪو آهستي آهستي ٻئي طرف ڏانهن پنهنجو رخ تبديل ڪري رهيو هو. ان مان هن اندازو لڳايو ته هن گره جو جسم به ڦري رهيو آهي ۽ انجي محوري گردش ڏهن ڪلاڪن سورهن منٽن ۾ پوري ٿئي ٿي .

زحل کي انجي جسماني بناوت جي لحاظ کان ٽن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو :-

۱- اندروني حصو ، جيڪو سخت جبلن تي مشتمل آهي. هن حصي جو اڌ قطر اٽڪل ۱۴ هزار ميل آهي.

۲- وچيون حصو ، جنهنکي ”برفاني ڪره“ چئجي ٿو ، انجي پکيڙ ڇهه هزار ميل آهي . زحل جو اندريون حصو هن سان ڍڪيل رهي ٿو .

۳- ٻاهريون حصو ، جنهنکي هوائي غلاف چئي سگهجي ٿو اهو ۱۶ هزار ميلن ۾ پکڙيل آهي. هن حصي جي پکيڙ سڀني حصن کان وڌيڪ آهي.

جيئن مٿي ڄاڻايو ويو آهي ته زحل جي حرارت جو درجو تمام گهٽ يعني ۱۵۵ ڊگريون سينٽي گريڊ آهي . اتي جي حالتن مان پتو لڳايو ويو آهي ته ڪروڙين سال اڳ زحل جي حرارت جو درجو تمام گهڻو

نورالدين احمد قريشي

# ڳوٺاڻي زندگيءَ ۾ بجليءَ جو حصو

سنڌ هڪ زرعي ملڪ آهي ۽ اسان جي ڳوٺاڻي آباديءَ جي اڪثريت کيتي باڙيءَ جي ڪم ۾ رڌل آهي، پر ڳوٺن ۾ بجليءَ جو استعمال صرف نالي ماتر ٿئي ٿو. حالانڪ بجلي پيدائش وڌائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي. بجليءَ جي گهٽ کپت اچڻ جو هڪ سبب اهو به آهي ته آبادگار ڀائرن کي ان جي باري ۾ ڄاڻ گهٽ آهي. ڪن اهو به خيال آهي ته بجلي تمام مهانگي شيءِ آهي جنهن جي سهڻ جي منجهن وسعت ڪانه آهي. هن مضمون ۾ انهن خيالن متعلق ڪي حقيقتون پيش ڪيون ويون آهن. اميد ڪئي ٿي وڃي ته اهڙي قيمتي طاقت جي وسيلي اسان وڏو زرعي انقلاب آڻي سگهنداسون.

هڪ هاري يا زميندار لاءِ ٽريڪٽر ڪيتري اهميت رکيٿو ان کان ڪير واقف نه هوندو! پر بجلي هن لاءِ ان کان به وڌيڪ اهم ۽ ضروري آهي. بجلي هڪ سلڇڻو غلام آهي. بٽڻ دٻايو فوراً خدمت لاءِ حاضر. بجلي نه رڳو موٽرن لاءِ استعمال ڪري سگهجي ٿي، بلڪ گرمي يا ٿڌ رسائڻ جو پڻ هڪ ذريعو آهي. زميندار يا آبادگار جي گهر جو ڪم به انهيءَ جي وسيلي نهايت سولو ٿيو پوي.

جيئن جيئن برقي طاقت جو چار پکڙندو پيو وڃي تيئن تيئن وڌ کان وڌ هارين کي بجلي مهيا ڪري ڏني پئي وڃي. مگر افسوس جو اسان جا ڀائر مڪمل فائدو حاصل ڪرڻ کان قاصر آهن ڇو جو انهن بجليءَ جي طاقت کي پورو سمجهيو ئي ڪونه آهي. ازانسواءِ انهيءَ جي لڳرائڻ جو خرچ به گهڻن جي برداشت کان ٻاهر آهي.

## ابتدائي جائزو

جڏهن به ڪنهن زرعي فارم تي بجلي پهچائي وڃي ته ان کان اڳ خود ڪڙمي کي يا زميندار کي فيصلو ڪرڻ گهرجي ته انهيءَ طاقت کان ڪهڙو ڪهڙو ڪم ورتو ويندو. جيڪڏهن وڏيون برقي موٽرون هلائيون هجن ته ٽن فيزن واري بجلي گهربي ڇو ته انهي ڪم جون مشينون سستيون آهن. ننڍيون يعني هڪڙي گهوڙي جي سگهه کان گهٽ طاقت واريون موٽرون ڪتب آڻيون هجن ته پوءِ هڪ فيز واري بجلي لڳرائي سگهجي ٿي، جا بتين ٻارڻ يا گرمي يا ٿڌ پيدا ڪرڻ لاءِ به ڪم ۾ آڻي سگهبي.

ان باري ۾ اهو به ضروري آهي ته بجليءَ جي وائرنگ سند يافته ڪاريگرن کان ڪرائي وڃي ڇاڪاڻ ته ڀي مناسب تار جو استعمال ۽ غلط نموني جي وائرنگ، نه فقط ماڻهن ۽ جانورن جي لاءِ ڌڌڪي جو سبب ٿي سگهي ٿي پر ان مان باهه لڳڻ جو امڪان به آهي. ڪڙميءَ جي فارم تائين بجلي رسائڻ جو خرچ به ڪمپني يا واپڊا وارا گهٽ ڏي ٿا وٺن، تنهن ڪري ڄڳائي ته بجليءَ جو پورو پورو فائدو وٺجي. ان ريت زميندار ۽ هاري جي جملي محنت مزدوري به گهٽجي وينديءَ زندگي پڻ خوشگوار ۽ آرام واري ٿيندي.

هاڻي ڏسجي ته زراعت پيشه حضرات ڇو نئا برقي طاقت جو استعمال وڌائين؟ هڪڙي ڳالهه ته آهي ابتدائي ڳاڻي ٻڄو خرچ؛ پيو ته اها خبر به پوري ڪونه اٿن ته ماهوار خرچ ڪيترو ٿيندو. ظاهر آهي ته بجليءَ جي خرچ جو اڳهه يونٽن جي حساب تي ٻڌل هوندو آهي ۽ هڪ يونٽ ۾ هڪ هزار واٽ ٿيندا آهن.

بجلي صرف ڪندڙ اوزارن تي واٽ ۽ ايمپيئر لڳل هوندا آهن. جيئن پاڻيءَ جي وهڪري جي ماپ ڪئي ويندي آهي، ساڳي ريت بجلي جي وهڪ جي ماپ به ڪري سگهبي آهي ۽ ايمپيئر اهڙي ماپ جي اڪائي جو نالو آهي. برقي دٻاءَ جي اڪائيءَ کي "وولٽ" ڪوٺيندا آهن ۽ بجلي جي وهڪ کي پيش ايندڙ رڪاوٽ "اومن" ۾ ماپي ويندي آهي.

هڪڙي بلب جو مثال ٿي کڻي وٺو. سمجهو ته بلب تي لکيل آهن هڪ سؤ واٽ. انهيءَ جو مطلب ٿيو ته اهو بلب ڏهن ڪلاڪن ۾ هڪڙو يونٽ يعني هڪ هزار واٽ في ڪلاڪ صرف ڪندو. اهڙي طرح ٢٥ واٽن وارو بلب چاليهن ڪلاڪن ۾ هڪڙو يونٽ بجلي کائيندو. هڪ گهوڙي جي سگهه واري موٽر في ڪلاڪ ٧٤٦ واٽ صرف ڪندي ۽ ٿلهي ليکي اهو ٿيو منو يونٽ في ڪلاڪ، زرعي فارم تي رڍن جي اُن يا ٻڪرين جي ڏاس ڪترڻ، پاڻي لاءِ ڏانرن ۾ هوا

# موجد ۽ ايجادون

هن مضمون ۾ اهڙين شخصيتن جو بيان ڏنو ويو آهي، جيڪي علم طب جا مشهور ماهر به هئا ۽ ان سان گڏو گڏ موجد به. انهن ڪيترن ئي قسمن جون ايجادون ڪيون جن مان اڄ به سڄي دنيا فائدو وٺي رهي آهي.

قديم زماني جي ڪيترن ئي حڪيمن ۽ دانشورن جي ڪارنامن تي اڪثر ماڻهو حيرت ۾ پئجي ويندا آهن ته هڪ ماڻهو ساڳئي وقت، مذهبي عالم به آهي، طبيب به آهي ته علم هئيت ۽ فلڪيات جو ماهر پڻ. اهو ڪيئن ممڪن ٿي سگهي ٿو؟ عمر خيام جيڪڏهن هڪ طرف فلسفي شاعر نظر اچي ٿو ته ٻئي طرف هو رياضي، فلڪيات ۽ علم هئيت جو ماهر به هو. پر عام ماڻهو هن کي فقط هڪ شاعر جي حيثيت سان ئي سڃاڻن ٿا.

طب ۽ سائنس جي تاريخ جو جيڪڏهن سرسري مطالعو ڪيو وڃي ته معلوم ٿيندو ته اها ڳالهه ڪنهن خاص هڪ دؤر جي لاءِ مخصوص نه آهي، پر هر زماني ۾ اهڙي قسم جون همه گير شخصيتون پيدا ٿينديون رهنديون آهن. هن دور جا به ڪيترائي طبيب يا ڊاڪٽر اهڙا آهن، جن پنهنجي مخصوص پيشي کان هٽي، سائنسي ڪارناما ڪيا آهن ۽ هنن جديد تمدن ۾ استعمال ٿيندڙ نهايت ڪارآمد شيون ايجاد ڪيون آهن. اهڙن هنرمند ڊاڪٽرن جو ذڪر هيٺ ڪجي ٿو:

## (١) ڊاڪٽر سموئيل وارڊ فرينسز

(Dr: Samuel Ward Frencis)

هي هڪ آمريڪي ماهر طب هو ليڪن علم طب کي ڇڏي هن هڪ اهڙي شي ايجاد ڪئي، جنهن لاءِ ماڻهو رهندڙ دنيا تائين ان جا احسانمند رهندا. ڊاڪٽر سموئيل پهريون شخص هو جنهن ١٨٥٧ع ۾ دنيا جو پهريون ٽائيپ رائيٽر ٺاهيو. ان مشين ۾ هڪ خوبي هيءَ به هئي ته اکر جي هڪ ضرب تي، ڪاغذ جي هڪ اکر جي ويڪر جيترو مفاصلو ازخود پري ٿي ويندو آهي. اهڙي طرح هر لائين جي اختتام تي محمل (Carriage) کي واپس آڻڻو پوندو هو. هو ١٨٢٠ع ۾ پيدا ٿيو هو ۽ ١٨٨٦ع ۾ وفات ڪيائين.

## (٢) جان لاڪ :- (John Lock)

قرون وسطيٰ جي همه گير شخصيت رکندڙ طبيبن وانگر هي به هڪ آمريڪي طبيب هو، جو سال ١٧٩٢ع ۾ پيدا ٿيو هو. طبابت کان علاوه هو ٻين به ڪيترن ئي علمن جو ماهر پڻ هو. هو هڪ اعليٰ ماهر ارضيات هو، ليڪن سائنس جي دنيا ۾ سندس برقي واقعه نگار (Electric Chronograph) ۽ مساحت ۾ ڪثرت سان استعمال ٿيندڙ ليولنگ دوربين (Leveling Telescope) جون ايجادون مشهور آهن. ان کان سواءِ هن مقناطيسيت جي سلسلي ۾ به ڪافي تحقيقات ڪئي آهي. هن جي انهن ڪارنامن جي ڪري، برطانوي حڪومت کيس اعليٰ اعزازن سان به نوازيو هو. هن جو انتقال ١٨٥٦ع ۾ ٿيو هو.

## (٣) جين براڻوٽ:- (Jean Braut)

براعظم يورپ ۾ سرديءَ جي موسم ۾ سخت ٿڌ پوندي آهي، جيڪا عام ماڻهن کانسواءِ مريضن ۽ زخملين لاءِ به سخت تڪليف جو باعث هوندي آهي. جين براڻوٽ کي انهيءَ جو شدت سان احساس پيدا ٿيو. هو سترهين صدي ۾ فرانس جو هڪ مشهور طبيب هو. ١٦٢٠ع ۾ پيدا ٿيو ۽ ١٦٧٥ع ۾ وفات ڪري ويو. هن ڪمرن کي سائنسي طريقي موجب گرم رکڻ لاءِ هڪ بني ٺاهي، جيڪا ڪمرن کي گرم رکڻ وارن جديد ٻنين جي اوائلي شڪل چئي وڃي ٿي. هن جي ٺاهيل بني هڪ مشعل (Burner) تي مشتمل هئي، جيڪا مسلسل ٻرندي رهندي هئي ۽ ڪنهن زماني ۾ پيرس ۾ گهرن جي ڪمرن کي گرم رکڻ لاءِ استعمال ٿيندي هئي.

## (٤) هينري فائولڊس:- (Henery Faulds)

ڏوهارين کي سڃاڻڻ لاءِ آڱرين جي نشانن جي ذريعي سڃاڻپ ڪرڻ جو سهرو هينري فائولڊس جي سر تي آهي. هو اسڪاٽلينڊ ۾ "بيٽ" جي مقام تي ١٨٤٤ع ۾ پيدا ٿيو هو ۽ اينڊرسن ڪاليج گلاسڪو ۾ طب جي تعليم حاصل ڪئي هئائين. هن جپان، هندستان ۽ انگلستان ۾ طب جو ڪم ڪيو ۽ ١٨٨٠ع ۾ آڱرين جي نشانن سان سڃاڻپ جي اصولن بابت هڪ ڪتاب شايع ڪيو جيڪو اڄ سڄي دنيا ۾ استعمال ڪيو پيو وڃي. هن سال ١٩٣٠ع ۾ وفات ڪئي.

# ۱- ليمون (Lemon)



ٻهراڙيءَ ۾ جتي ٻيو ڪو به تازو ميوو نٿو ملي سگهي، ليمون اتي انهن سڀني ميون جي ضرورت پوري ڪري ٿو. ليمو غريبن جو سنگترو آهي. شهري خاص طور ۽ ٻهراڙيءَ جا ماڻهو عام طور ليمي ڪي پاڻي ۾ ملائي شربت ٺاهي پيئندا آهن.

ليمي ۾ بي، سي، ڪي، ڪئلشيم، پوٽاشم ۽ ڪلورين زياده ٿين ٿا. هر بيماري جي مريض ڪي روزانو نيراني هڪ چمچو ليمي جي رس ۽ هڪ چمچو ادرڪ جي رس ۽ چمچو ماکي جو ملائي پيڻ سان تازگي ملي سگهي ٿي- ليمي مان پيا به ڪيئي فائدا آهن. جهڙوڪ:-

۱- دل جي بيماريءَ لاءِ ليمون هڪ مفيد غذا آهي.

۲- چمڙيءَ جون بيماريون مثلاً: خارش، ڦٽ ڦرڙيون، ڏڌ، ايگزيما، چاپاڪو ۽ اڇا يا ڪارا داغ هجن ته ليمي جي رس يا وڍيل ليمي جو اندريون پاسو رات جو سمهڻ کان اڳ بدن تي مهٽي آرام ڪجي ۽ صبح جو وهنجڻ کان پوءِ ڪجهه ليمي جي رس ۽ ان جيترو ڪوپرو تيل بدن تي لڳائجي ۽ هڪ يا ٻن ليمن جي رس نيم گرم پاڻي ۾ ملائي پيڻ گهرجي ته فائدو ٿيندو.

۳- چهري جي سونهن لاءِ ليمي جي رس ۾ ڪنڊ ملائي منهن تي مهٽجي ته داغ يا موهيڙا ختم ٿي وين ٿا ۽ چهرو چمڪڻ لڳي ٿو.

۴- روزانو نيراني پاڻيءَ جي گلاس ۾ هڪ ليمي جي رس ملائي پيڻ سان وچڙندڙ مرضن کان ڇوٽڪارو ملي ٿو.

۵- زڪام يا انفلوئنزا ۾ گرم پاڻي، ليمي جي رس ۽ ماکي جو چمچو ڏينهن ۾ ٽي دفعا پيڻ سان آرام ملي ٿو.

۶- وارن ۾ ڦڙو هجي ته رات جو ليمي جي رس وارن جي پاڙن تائين پهچائي مالش ڪجي. صبح جو ڪوپرو تيل استعمال ڪجي ته وارن ۾ ڦڙو ۽ خشڪي ختم ٿيو وڃن ۽ وارن ۾ تازگي پيدا ٿيندي.

۷- پائريا ۽ ڏندن ۽ مهارن جي ڪمزوري خواه گندگي دور ڪرڻ ۽ ڏندن جي چمڪ لاءِ ليمي جي ڇلڙن کي سڪائي پيهي انهن ۾ ٿورو لوڻ ملائي، ڏندن کي لڳائجي ۽ ليمي جي رس سان گرڙيون ڪجن.

۸- پيشاب ۾ تڪليف، ساڙو يا گندگي هجي ته تازي پاڻي ۾ ليمون ملائي شام جو نيراني پيڻ سان فائدو ٿئي ٿو- مٺن پيشابن جي حالت ۾ به ليمون استعمال ڪرڻ فائديمند آهي.

۹- اکين جي سڀني بيمارين لاءِ تازي پاڻيءَ جي هڪ چمچي ۾ ليمي جي رس جا ٻه يا ٽي ڦڙا ملائي اکين ۾ وجهڻ سان فائدو ٿئي ٿو ۽ نيراني ٻن ليمن جي رس به پاڻي ۾ ملائي پيڻ گهرجي.

۱۰- وزن گهٽائڻ لاءِ نيراني ليمن جي رس جو هڪ پيالو پيڻ سان جلد فائدو ٿيندو.

۱۱- پاڻي جي گلاس ۾ ليمي جي رس ۽ ماکي ملائي پيڻ سان هاضمو ٺيڪ رهي ٿو ۽ تازگي ملي ٿي.

۱۲- سڄو ڏينهن ڪم ڪرڻ بعد جيڪڏهن ليمي جي رس سان هٿ ڌوتا وڃن ته هٿ صاف ۽ شفاف ٿي پون ٿا.



# آسماني بجلي (کنوڻ)

طوفانن ۽ برساتن ۾ هر سال ڪيترا ماڻهو آسماني بجليءَ ذريعي موت جو شڪار ٿيو وڃن، انجو اڃا تائين ڪو صحيح اندازو نہ لڳي سگهيو آهي. موسميات جي ماهرن جو خيال آهي تہ آسماني بجلي هڪ سال ۾ مختلف وقتن ۽ هنڌن تي جيترن ماڻهن کي ماري ٿي، انهن جو تعداد ٻوڏن ۽ زلزلن ۾ مرندڙن کان بہ وڌيڪ آهي. امريڪي فضائيہ جي انگن اکرن مطابق دنيا ۾ هر سال اٽڪل ٻہ ڪروڙ طوفان بجليءَ جي گرج چمڪ سان اچن ٿا. انهيءَ اعتبار کان اهڙن طوفانن جو روزانو سراسري تعداد ٥٥ هزارن کان بہ وڌيڪ ٿي وڃي ٿو. عام طور تي اهڙا طوفان وچ آفريڪا، ڏکڻ ميڪسيڪو (امريڪا)، پاناما، وچ برازيل، مڊگاسڪر ۽ جاوا ۾ اچن ٿا. جاوا ۾ تہ سڀني کان وڌيڪ طوفان لڳن ٿا. هڪ اندازي مطابق اتي هر سال اٽڪل ٢٢٣ دفعا کنوڻ سان زوردار برسات پوي ٿي جنهن ۾ هزارين ماڻهو هن آسماني بجليءَ سان سڙيو وڃن.

آسماني بجليءَ جو وجود، شايد انسان جي پيدائش کان اڳ بہ هجي ۽ قديم زماني کان وٺي هيستائين هزارين ماڻهو انجي نذر ٿي ويا هوندا پر اٽڪل ٻہ سؤ سال اڳ تائين ڪنهن بہ شخص سائنسي طور تي انجي حقيقت سمجهڻ جي ڪوشش ڪانہ ڪئي هئي.



فلاڊيفيا (امريڪا) جي "بنجمن فرينڪلن" نالي هڪ سائنسدان کي اهو اعزاز حاصل آهي تہ هن آسماني بجليءَ جي حقيقت ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪئي. هن هڪ ڏينهن برسات وسندي ريشمي ڪپڙي سان ٺاهيل لغڙ اڏايو ۽ انهيءَ لغڙ جي ڏور ۾ لوهہ جي هڪ چابي

وجهي ڇڏيائين. هن ڏنو تہ جڏهين ڪنوڻ پيدا ٿيندي هئي تہ چابيءَ مان بجليءَ جا چمڪاٽ نڪرندا هئا.

گهڻو ڪري سڀني ٻارن آسماني بجلي يا ڪنوڻ (وڄ) جا چمڪاٽ ڏٺا هوندا پر شايد ڪن کي اها خبر نہ هجي تہ ڪنوڻ ڪيئن پيدا ٿئي ٿي ۽ ڪيئن نقصان پهچائي ٿي ؟

آسماني بجلي ڪڪرن جي اندر گهميل ذرڙن جي هڪٻئي سان گسڻ ڪري پيدا ٿيندي آهي . زمين جي مٽي ۽ غبار جا ذرڙا آسمان تي چڙهي وڃن ٿا ۽ پاڻيءَ جي بخارن سان گڏجي ڪڪرن جي صورت اختيار ڪن ٿا. ڪڪرن جي اندر بہ اهي ذرڙا هر وقت حرڪت ڪندا رهندا آهن ۽ انهن جي هڪٻئي سان گسڻ سبب ڪڪر چارج ٿي وڃي ٿو. پوءِ ڪنهن ڪڪر ۾ واڌو تہ ڪنهن ۾ وري ڪاٽو بجلي پيدا ٿئي ٿي .

جڏهين انهن ٻنهي قسمن جا ڪڪر هڪٻئي جي ويجهو ايندا آهن تہ ڪاٽو بجلي، واڌو بجليءَ ڏانهن ڇڪجي ويندي آهي ۽ انهن جي وچ ۾ وري هوا رنڊڪ وجهندي آهي تنهنڪري هڪ ڪڙاڪيدار آواز ۽ چمڪاٽ پيدا ٿيندو آهي. ان کي ئي اسين ”آسماني بجلي“ سڏيون ٿا .

جڏهين ڪو ڪڪر زمين جي ويجهو اچي ٿو تہ انجي چارج زمين ۾ گهڙڻ جي ڪوشش ڪندي آهي، ڇو تہ زمين بجليءَ جي تمام سٺي موصل آهي . وڻ ، جايون ، انسان ۽ جانور تہ بجليءَ جا سٺا موصل هوندا آهن تنهنڪري انهن مان ڪابہ شيءِ آسماني بجليءَ لاءِ واسطو يا سهارو بڻجيو وڃي ۽ بجلي ان شي مان لنگهي زمين ۾ گهڙيو وڃي .انکي اسين ”وڄ جو ڪرڻ“ چوندا آهيون. اها بجلي پوءِ واپس نٿي موٽي پر جيڪا بہ شيءِ انجو واسطو يا سهارو ٿئي ٿي ، اها سڙيو خاڪ ٿيو وڃي .

اوچين عمارتن تي لوھ جي هڪ سيخ لڳل ڏسڻ ۾ ايندي آهي . اها سيخ عمارت کي وڄ جي نقصان کان بچائڻ لاءِ زمين کان چوٽيءَ تائين لڳائي ويندي آهي . اتفاق سان جيڪڏهين بجلي ان عمارت جي ويجهو ايندي تہ خاموشيءَ سان ان سيخ مان لنگهي زمين ۾ گهڙي ويندي ۽ عمارت کي ڪوبہ نقصان نہ پهچندو .

هاڻي وري ان ڳالهہ تي غور ڪريون تہ قدرت آخر آسماني بجليءَ کان ڪهڙو ڪم وٺي ٿي !

”ڊاڪٽر بي - ايف - شون لينڊ“ نالي هڪ ماهر انهيءَ مسئلي تي کوجنا ڪرڻ کانپوءِ ٻڌايو آهي تہ:-

”اسانجي زمين هڪ عظيم ترين ڪنڊينسر جي حيثيت رکي ٿي جنهنجي سطح تان بجليءَ جي لهر نڪري لاڳيتي فضا ڏانهن ويندي رهيٿي . گجگوڙ ۽ چمڪاٽ سان ايندڙ طوفاني برساتون قدرت جون اهي بيٽريون آهن جيڪي ان ڪنڊينسر (زمين) کي ٻيهر چارج ڪن ٿيون . آسماني بجلي جنهن بہ وقت چمڪي ٿي، فضا مان نائٽروجن جو ڪافي مقدار خارج ٿئي ٿو. ان وقت انجي ماهيت نائٽرس ائسڊ جي هوندي آهي . اهي ڪيميائي عنصر زمين جي نباتاتي پيداوار جو هڪ لازمي جزو سمجهيا وڃن ٿا ۽ سائنسدانن انکي ’ قدرتي ڀاڻ ‘ قرار ڏنو آهي .“

ڊاڪٽر شون لينڊ جي چوڻ مطابق آسماني بجليءَ جي ذريعي هر سال ڏه ڪروڙ ٽن نائٽرس ايسڊ پيدا ٿئي ٿي جيڪا سڄي دنيا ۾ هٿرادو ڀاڻ جي پيداوار کان گهڻو وڌيڪ آهي .

طوفاني هوائون انهن ڪڪرن جي رفتار کي ، (جن ۾ ڪڏهين تہ ٽي لک ٽن وزن جيترو پاڻي ڀريل هوندو آهي) سؤ ميل في ڪلاڪ جي رفتار تائين پهچايو ڇڏين .

MONTHLY **Science** MAGAZINE

**Approved by the Directorate of Education, Hyderabad Region**

Vol: 2 | AUGUST 1972 | No. 8

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي (اداره سنڌ شناسي) جا ڇپايل

ڪتاب حاصل ڪرڻ لاءِ

# ميشرس ادبيات

تلڪ چاڙهي - حيدرآباد

[فون ٢٥٣٣٢]

سان لڳپڙه ڪريو

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي طرفان ڇپايل سڀني ڪتابن جي سول ايجنسي "ميشرس ادبيات" کي ڏني ويئي آهي. تنهنڪري ڪتب فروش ۽ ٻيا ضرورتمند حضرات اهي ڪتاب "ادبيات بوڪ اسٽال" واقع تلڪ چاڙهي حيدرآباد تان حاصل ڪري سگهن ٿا.

Printed by Aijaz Mohammed Siddiqui, Manager, Sind University Press, Hyderabad Sind
& Published by Ghulam Ali Allana, Manager, Monthly "Science", Institute of Sindhology, University of Sind, Hyd. Sind.